( سلسلو اخلاقِ نبوي، قسط : 1 )

# پياري نبي ﷺ جي معاف ڪرڻ جي عادت

سنڌي



- زندگي جو سڀ کان سخت ڏينهن
- جانِ جي دشمن کي معافي
- شرعي حَدون ٽوڙڻ تي حُضور جو جلال
- تورات شريف ۾ حضور جون نشانيون


پيشڪش :
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو :
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللهُ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: پياري نبي ﷺ جي معاف ڪرڻ جي عادت

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# پياري نبي ﷺ جي معاف ڪرڻ جي عادت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

دُرود شريف جي فضيلت ........................................ 2
ماڻهن ۾ بهتر اهو آهي جيڪو............................................. 2
زندگي جو سڀ کان سخت ڏينهن ........................................ 6
وڃو! توهان سڀ آزاد آهيو ........................................ 7
(1) جان جي دشمن کي معافي ........................................ 10
(2) ڪنڌ مبارڪ تي رَهڙ جو نشان ........................................ 10
(3) جادو ڪرڻ ۽ زهر ڏيڻ وارن کي معافي ........................................ 11
(4) جسماني نقصان پهچائڻ وارن کي دعا ڏنائون ........................................ 11
ذاتي دشمنن کي معافي پر........................................ 11
شرعي حَدون ٽوڙڻ تي حُضور جو جلال ........................................ 12
نرمي جي مُتعلق 4 فرامينِ مُصطفٰي ........................................ 14
تورات شريف ۾ حضور جون نشانيون ........................................ 15
ڏيءَ کي تڪليف ڏيڻ واري کي بہ معافي ........................................ 17
قتل جو ارادو رکڻ وارو بہ مسلمان ٿي ويو........................................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# پياري نبي ﷺ جي معاف ڪرڻ جي عادت

**دعاءِ عطار:** ياالله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو ”پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معاف ڪرڻ جي عادت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ڪاوڙ پي وڃڻ وارو ۽ ٻين جون غلطيون معاف ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي بي حساب بخش فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## دُرود شريف جي فضيلت

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت عليُ المُرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”توهان جو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ توهان جي دعائن جو مُحافظ، ربّ جي رضا جو باعث ۽ توهان جي پاڪيزگي جو سبب آهي.“

(القول البديع، ص 270)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماڻهن ۾ بهتر اهو آهي جيڪو...

اُمُّ المؤمنين عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي ته هڪ پيري

نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ڪنهن ڳوناٽي کان هڪ وَسق (ڇهه مڻ ٽيهه (30) سير) کجورن جي بدلي ۾ هڪ اُٺ خريد ڪيو، کجوروں ڏيڻ جي لاءِ جڏهن پاڻ گهر تشريف وٺي آيا ۽ کجورون تلاش ڪيون ته نه مليون. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان ڳوناٽي وٽ ويا ۽ ارشاد فرمايائون: عبدُالله! اسان توکان هڪ وَسق کجورن جي بدلي اُٺُ خريد ڪيو هو، (گهر ۾ کُجورون موجود هيون) پر ڳولهڻ جي باوجود اسان کي کُجورون نه مِلي سگهيون. هي ٻڌندي ئي اهو ڳوناٽو زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو: هاءِ دوکو! هاءِ دوکو! شمعِ رسالت جي پروانن، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم جڏهن هي معاملو ڏٺو ته ڳوناٽي کي مارڻ جي لاءِ ڊوڙيا ۽ ان کي چيائون: تون رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ڪرين ٿو؟ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: هن کي ڇڏي ڏيو! ڇوته حقدار کي ڳالهائڻ جو حق حاصل هوندو آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻه ٽي ڀيرا هن طرح فرمايو، پر سمجهائڻ جي باوجود جڏهن ان نه مڃيو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صحابي کي حڪم ڏنو ته خَوله بنتِ حڪيم رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا وٽ وڃي ڪري انهن کي چئو ته جيڪڏهن اوهان وٽ کُجورن جو هڪ وَسق آهي ته اسان کي ڏيو، اِنۡ شَآءَ الله اسان واپس ڪري ڇڏينداسين. اهو صحابي حضرت خَوله بنتِ حڪيم رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا وٽ ويو ۽ ڪيس چيائين ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو آهي ته جيڪڏهن اوهان وٽ هڪ وَسق کُجورموجود آهي ته ڏيو، اِنۡ شَآءَ الله اوهان کي واپس ڪري ڇڏينداسين. انهن چيو: مون وٽ کُجورون موجود آهن، اوهان ڪٿي وڃڻ جي لاءِ ڪنهن کي موڪليو، سرڪارِ دو عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هن ڳوناٽي کي وٺي وڃو ۽ جيتريون کُجورون هن جون

ٽين ٽيون ڏئي ڇڏيو، اهو ڳوناٽو جڏهن کُجورون ڪٽي ڪري واپس آيو تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم جي درميان جلوه فرما هئا، ان عرض ڪيو: جَزَاكَ اللهُ خَيْرًا! (يعني الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير ڏي) اوهان پورو حصو سهڻي طريقي سان عطا فرمائي ڇڏيو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ماڻهن ۾ بهترين اهي آهن جيڪي سُٺي طريقي سان پورو حصو ڏيندا آهن.

(مسند امام احمد، 134/10، حديث: 36372ملتقطاً )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجي پياري ۽ سيني کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ذات ۾ اڻ ڳڻ اخلاقي ڀلايون ۽ خوبيون جمع فرمائي ڇڏيون آهن. سندن اعلٰي اخلاقن مان هڪ خُلق عَفوو درگذر بہ آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن کان بدلو نہ وٺندا هئا، مثال طور جيڪڏهن ڪو پاڻ سڳورن کان بداخلاقي سان پيش ايندو هو تہ پاڻ ان تي ڪاوڙ ڪرڻ يا سختي سان پيش اچڻ بدران شفقت ۽ مهرباني وارو ورتاءُ ئي فرمائيندا هئا جيئن تہ بيان ڪيل هن خوبصورت واقعي مان هن جو بخوبي اندازو تي ٿو تہ سيني جي سامهون سودي کان انڪار ڪرڻ جو الزام هڻڻ واري کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قُدرت ۽ طاقت جي باوجود معاف ڪري ڇڏيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ ان چڱي عادت کي اپنائڻ گهرجي ۽ خريد و فروخت ڪرڻ وقت جيڪڏهن گراهڪ دڪاندار کي يا دڪاندار گراهڪ کي ڪا تڪليف پهچائيندڙ ڳالهہ چئي ڇڏي تہ فوراً

ڪاوڙ ڪرڻ، بدڪلامي ڪرڻ ۽ الزام هڻڻ جي بدران نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرتِ طيبہ تي عمل ڪندي صبر، نرمي، بربادي ۽ عفوو دَرگذر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي چوتہ ڪاوڙ کي پيئڻ ۽ ماڻهن کان دَرگُذر ڪرڻ اهڙو بهترين عمل آهي جو جنهن جي سبب اسان جي ڳُڻپ الله پاڪ جي پسنديده ٻانهن ۾ ٿي ويندي آهي، جيئن تہ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَالْكٰظِمِیْنَ الْغَیْظَ وَ الْعَافِیْنَ عَنِ النَّاسِؕ وَ اللّٰهُ یُحِبُّ الْمُحْسِنِیْنَ(۱۳۴)

(سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: آيت: 134)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ دَرگذر ڪرڻ وارا آهن الله نيڪ ماڻهن سان محبت فرمائيندو آهي.

اهڙي طرح هڪ ٻئي مقام تي ارشاد ٿئي ٿو:

وَ لْیَعْفُوْا وَ لْیَصْفَحُوْاؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ یَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ(۲۲)

(سيپارو: 18، سورة نور: آيت: 22)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن کي گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن، ڇا توهان هن ڳالهہ کي پسند نہ ٿا ڪيو تہ الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو تہ توهان ۾ سيني کان طاقتور اهو آهي جيڪو ڪاوڙ جي وقت پاڻ تي قابو رکي ۽ سيني کان وڏيڪ بُردبار اهو آهي جيڪو طاقت جي باوجود معاف ڪري ڇڏي.

(ڪنزالعمال، جزء3، 207/3، حديث: 7694)

حضرت عُقبہ بن عامِر رَضِیَ اللهُ عَنْه چون ٿا تہ رسولُ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: اي عُقبہ بن عامِر! جيڪو توکان تعلق ٽوڙي تون

ان سان جوڙ، جيڪو توکي محروم ڪري ان کي عطا ڪر ۽ جيڪو توتي ظلم ڪري ان کي معاف ڪر.

(مسند احمد، 148/6، حديث: 17457)

## زندگي جو سڀ کان سخت ڏينهن

هڪ ڀيري اُمُّ المُؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پڇيو: ڇا جنگِ اُحد جي ڏينهن کان بہ وڌيڪ ڪو سخت ڏينهن اوهان تي آيو آهي؟ تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ها! اي عائشہ! اهو ڏينهن منهنجي لاءِ جنگِ اُحد جي ڏينهن کان بہ وڌيڪ سخت هو، جڏهن مان طائف ۾ اتان جي هڪ سردار ”ابنِ عَبْدِيَالِيْل“ کي اسلام جي دعوت ڏني، ان منهنجي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ طائف وارن مون تي پٿر وَسايا. مان انهيءَ غم ۾ مٿو جهڪائي هلندو رهيس، ايستائين جو مقام ”قَرۡنُ الثّعالِب“ ۾ پهتس. اتي پهچي ڪري جڏهن مون مٿو کنيو تہ ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ ڪڪر مون تي ڇانوَ ڪيو بيٺو آهي، ان ڪڪر مان جبريل عَلَيْهِ السَّلَام مونکي آواز ڏنو ۽ چيائين تہ اللہ پاڪ اوهان جي قوم جو قول ۽ ان جو جواب ٻڌي ورتو ۽ هاڻي اوهان جي خدمت ۾ پهاڙن جو فرشتو حاضر آهي تہ جيئن اوهان جي حڪم کي پورو ڪري. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ پهاڙن جي فرشتي مونکي سلام ڪري عرض ڪيو: اي محمد (صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ مان ”اَخۡشَبَيۡن“ (ابو قُبَيس ۽ قُعَيقَعان) جي ٻنهي پهاڙن کي انهن ڪافرن جي مٿان ڪيرايان تہ مان ڪيرائي ڇڏيندس. هي ٻڌي ڪري رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: نہ، بلڪ مان

اميد ڪريان ٿو ته الله پاڪ انهن جي نسلن مان پنهنجي اهڙن ٻانهن ڪي پيدا فرمائيندو، جيڪي صرف انهيءَ جي عبادت ڪندا ۽ شرڪ نه ڪندا.

(بخاری، 386/2،حدیث: 3231 ملتقطاً، نزہۃ القاری، 316/4 ماخوذاً)

## وڃو! توهان سڀ آزاد آهيو

پيارا اسلامي ڀائرو! هونئن ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سموري زندگي ئي اهڙيءَ طرح حلم ۽ ڪرم جي عظيمُ الشّان واقعات سان ڀري پئي آهي، پر فتح مڪ جي موقعي تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن عفوو دَرگذر ۽ شفقت ۽ مهرباني جو مظاهرو فرمايو، ان جو مثال نٿو ملي، جيئن ته

جڏهن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (فتح مڪ جي موقعي تي جمع ٿيڻ وارن هزارين) ڪافرن تي هڪ گهري نگاهه وِڌي ته ڏٺائون ته اهي ماٿهو خوف ۾ ورتل مٿو جهڪائي، نگاهون هيٺ ڪري بيٺا هئا، انهن ظالمن ۾  اهي ماٿهو به هئا جن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي راهه ۾ ڪنڊا وڇايا هئا، جيڪي سندن مٿان پٿرن جي بارش ڪري چڪا هئا ۽ جن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معاذَ الله شهيد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. اڄ اهي سيئي مجرم ٻڌجي بيٺا ڏکي رهيا هئا ۽ پنهنجي دلين ۾ هي سوچي رهيا هئا ته انصار ۽ مهاجرين جون فوجون اسان جي هر بار کي خاڪ ۽ مِٽيءَ ۾ مِلائي ڪري اسان جي نسلن کي ختم ڪري ڇڏينديون پر انهيءَ مايوسي ۽ نااميدي جي خطرناڪ فضا ۾ اوچتو شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نگاهِ رحمت انهن ماٿهن ڏي متوجهه ٿي ۽ پاڻ انهن مُجرمن کان پڇيو ته ”ٻڌايو! توهان کي ڪجهه معلوم آهي ته اڄ مان توهان سان ڪهڙو

معاملو ڪرڻ وارو آهيان؟“ هن سوال کان مُجرم ڏڪي ويا پر رحمت ڀري پيشاني ڏسي ڪري اميد واري لهجي ۾ عرض ڪيائون: ” اَخٌ کَرِيۡمٌ وَابۡنُ اَخٍ کَرِيۡمٍ اوهان ڪرم واري ڀاءُ ۽ ڪرم واري ڀيءُ جا پُٽ آهيو.“ سيني جون نظرون سندن رُخ پُرنور تي کُتل هيون ۽ سيني جا ڪَنَ شهشاهِ نبوت جو فيصلائتو جواب ٻڌڻ جا منتظر هئا تہ هڪدم پاڻ سڳورن پنهنجي شفقت ڀَري لهجي ۾ ارشاد فرمايو: **”اڄ توهان تي ڪو الزام ناهي، وڃو توهان سڀ آزاد آهيو.“** هي فرمانِ رسالت ٻڌي ڪري مُجرمن جون اکيون ڀرجي آيون ۽ سندن دلين جي گهرائين سان شڪريہ جا جذبات لڙڪن جون لارون ٻڻجي ڪري انهن جي رخسارن تي وهڻ لڳا ۽ ڪافرن جي زبانن تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ جي نعرن سان حرمِ ڪعبہ جي در ۽ ديوار گونجهڻ لڳا. الله اڪبر! **اي اقوامِ عالَم جي تاريخي داستانو!** ٻڌايو! ڇا دنيا جي ڪنهن فاتح جي زندگي جي ڪتاب ۾ ڪو اهڙو حسين ۽ روشن ورق آهي؟ هي نبي جي جمال ۽ جلال جو اهو بي مثال شاهڪار آهي جو دنيا جي بادشاهن جي لاءِ ان جو تصور بہ محال آهي.

(سيرت مصطفیٰ ، 438- 441 ملخصاًوبتغير )

سُبۡحٰنَ اللّٰه! ڇا تہ شان آهي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو! جن ماڻهن سندن مٿان ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا، دين جي تبليغ جي وقت طرح طرح سان ستايو ويو، ايستائين جو اباڻو وطن ڇڏڻ تي مجبور ڪيو، فقط انهيءَ تي بَس نہ ڪيائون بلڪ هجرت کان بعد بہ سڪون سان رهڻ نہ ڏنائون. پر فتح مڪہ جي ڏينهن جڏهن

رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن جانثار انهن تي غالب اچي ويا ته انهن کان بدلو وٺڻ جي بدران نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪمال حلم ۽ شفقت جو مظاهرو فرمائيندي سيني کي معاف فرمائي ڇڏيو.

جان کے دشمن خون کے پیاسوں کو بھی شہرِ مکہ میں

عام معافی تم نے عطا کی کتنا بڑا احسان کیا

لهٰذا اسان کي به سيرتِ رسول تي عمل ڪندي بدلي جي طاقت رکڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي جو ته هي بدلي کان وڌيڪ بهتر ۽ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب جو باعث آهي، جيئن ته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ جَزٰٓؤُا سَیِّئَةٍ سَیِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ فَمَنْ عَفَا وَ اَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۴۰﴾

(سيپارو: 25، سورة شوري: آيت: 40)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بُرائي جو بدلو ان جي برابر بُرائي آهي پوءِ جنهن معاف ڪيو ۽ ڪم سنواريو ته ان جو اجر الله تي آهي بيشڪ هو ظالمن کي پسند ناهي ڪندو.

اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زندگي ۾ ان جا ڪوڙ مثال موجود آهن ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تڪليف پهچائڻ وارن کي معاف فرمائي ڇڏيندا هئا.

اچو! پنهنجي ڪردار کي سنوارڻ ۽ سيرتِ رسول کي اپنائڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حلم ۽ ڪرم جي متعلق وڌيڪ 4 واقعا ٻڌون ٿا!، جيئن ته

## (1) جان جي دشمن کي معافي

هڪ سفر ۾ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آرام فرمائي رهيا هئا ته غُورث بن حارث ڪيس شهيد ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تلوار ڪڍي ڪري مِياڻ مان چڪي ورتي، جڏهن پاڻ سڳورا ننڊ مان بيدار ٿيا ته غُورث چوڻ لڳو: اي محمد! هاڻي اوهان کي مون کان ڪير تو بچائي سگهي؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”الله“. هي ٻڌندي ئي هيبت کان ان جي هٿ مان تلوار ڪِري پئي ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تلوار هٿ مبارڪ ۾ ڪڻي ڪري فرمايو: هاڻي توکي مون کان ڪير بچائڻ وارو آهي؟ غُورث دانهون ڪري چوڻ لڳو: اوهان ئي منهنجي جان بچايو! رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان کي ڇڏي ڏنو ۽ معاف فرمائي ڇڏيو. جيئن ته غُورث پنهنجي قوم ۾ اچي ڪري چوڻ لڳو اي انسانو! مان اهڙي شخص وٽان آيو آهيان، جيڪو تمام انسانن ۾ سيني کان بهتر آهي.

(الشفا،107/1)

سو بار ترا دیکھ کر عَفوُ اور تَرَحُّم　　ہر باغی و سرکش کا سر آخر کو جُھکا ہے

## (2) ڪنڌ مبارڪ تي رَهڙ جو نشان

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلي رهيو هيس ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هڪ نجراني چادر ويڙهيل هئي، جنهن جا ڪنارا ٿلها ۽ کُهُرا هئا، اوچتو هڪ ڳوناٺي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چادر مبارڪ کي پڪڙي ڪري جهٽڪي سان ڇڪيو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ڪنڌ تي چادر جي ڪناري سان رَهنڊ اچي وئي، اهو چوڻ لڳو: الله پاڪ جو جيڪو

مال اوهان وٽ آهي، اوهان حڪم ڏيو تہ ان مان مون کي ڪجھ مِلي وڃي. رحمتِ عالَم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ان جي طرف متوجھ ٿيا ۽ مُسڪرايا، پوءِ ان کي ڪجھ مال عطا فرمائڻ جو حڪم ڏنائون.

(بخارى، 359/2، حديث: 3149)

## (3) جادو ڪرڻ ۽ زهر ڏيڻ وارن کي معافي

نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ تي لَبِيد بن اَعصَم جادو ڪيو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ان جو بدلو نہ ورتو. پڻ پاڻ سڳورن ان غير مُسلم کي بہ معاف فرمائي ڇڏيو، جنهن ڪين زهر ڏنو هو.

(المواهب اللدنيہ، 91/2)

## (4) جسماني نقصان پهچائڻ وارن کي دعا ڏنائون

غزواهءِ اُحد ۾ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي ڏندن جو ڪجھ ڪنارو شهيد ۽ مبارڪ چهري کي زخمي ڪيو ويو، هي ڳالھ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْهم کي تمام بُري لڳي ۽ عرض ڪيائون: اوهان انهن جي لاءِ نقصان جي دعا فرمايو. پاڻ سڳورن فرمايو: مان لعنت ڪرڻ وارو بڻائي ڪري نہ بلڪ دعوت ڏيڻ وارو ۽ رحمت بڻائي ڪري موڪليو ويو آهيان. اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِیْ فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ يعني اي الله! منهنجي قوم کي هدايت ڏي، ڇوتہ هو مون کي نٿا سڃاڻين.

(الشفاء 105/1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ذاتي دشمنن کي معافي پر...

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن مان معلوم ٿيو تہ اسان جا پيارا

آقا صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هرهڪ سان شفقت ۽ محبت سان پيش ايندا هئا، ڪڏهن پنهنجي ذات جي لاءِ ڪنهن تي ڪاوڙ نہ فرمائيندا هئا، پر جڏهن سندن سامهون شرعي حدن ڪي ٽوڙيو ويندو ۽ احڪامِ الٰهي کان منهن موڙيو ويندو هو تہ مبارڪ پيشاني تي جلال جا آثار ظاهر ٿي ويندا هئا، جيئن تہ

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ عَنۡہ فرمائن ٿيون: مون ڪڏهن بہ رسولِ پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي ذات تي ڪيل ظلم جو بدلو وٺندي نہ ڏٺو، جيستائين الله پاڪ جي مُقرر ڪيل حُدود کي نہ ٽوڙيو وڃي ۽ جڏهن الله پاڪ جي مُقرر ڪيل حَدن مان ڪنهن حد کي ٽوڙيو ويندو هو تہ پاڻ تمام گهڻي ڪاوڙ فرمائيندا هئا.

(الشمائل المحمدية، ص198، حديث: 332)

## شرعي حَدون ٽوڙڻ تي حُضور جو جلال

قريش جي خاندان بني مَخزوم جي هڪ عورت چوري ڪئي تہ قريش سوچ ويچار ڪرڻ لڳا تہ نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان ان جي سفارش ڪير ڪري؟ آخرڪار حضرت اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللہ عَنۡہ جو انتخاب ٿيو تہ هي حُضور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا محبوب آهن، هي ڳالهہ ڪري سگهن ٿا. حضرت اُسامہ رَضِیَ اللہ عَنۡہ جڏهن حضور ڪريم کان ان عورت جي سفارش ڪئي تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: ڇا تون الله پاڪ جي حدن ۾ سفارش ڪرين ٿو؟ پوءِ پاڻ اٿيا ۽ خطبو ڏنائون: اي انسانو! توهان کان پهريان ماڻهو انهيءَ ڪري هلاڪ ٿيا جو انهن مان ڪو صاحبِ منصب چوري ڪندو هو تہ ان کي ڇڏيو ويندو ۽ جيڪڏهن غريب چوري ڪندو هو تہ ان تي حد قائم ڪئي ويندي

هئي، خُدا جو قسم! جيڪڏهن فاطمہ بنتِ محمد بہ چوري ڪري ها تہ مان ان جو (بہ) هٿ ڪٽي ڇڏيان ها.

(مسلم ، ص 716، حديث: 4410)

اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيحد شفيق ۽ مهربان آهن، پنهنجي دشمنن جي ظلم ۽ ستم تي بہ عفوو درگذر سان ڪم وٺندا هئا. پر جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون شريعت جي خلاف ورزي ڪئي ويندي هئي تہ نوراني چهرو پُرجلال ٿي ويندو هو. لھٰذا اسان کي بہ گهرجي تہ ڪنهن کي گناهہ ۾ مُبتلا ڏسون تہ مسلمان سان خيرخواهي ۽ ان جي آخرت جي ڀلائي جي خاطر شريعت جي خلاف ورزي ڪرڻ تي ان جي اصلاح ڪيون، جيڪڏهن سمجهائڻ سان فتني جو انديشو هجي تہ دل ۾ بُرو ضرور ڄاڻون. جڏهن تہ ذاتي معاملن ۾ خلافِ مزاج ڳالهين تي صبر ۽ تحمل ۽ عفو و درگذر سان ئي ڪم وٺڻ گهرجي، ڪو ڪيترو بہ ڪاوڙ ڏياري پنهنجي زبان ۽ هٿن کي قابو رکندي رضاءِ الٰهي جي خاطر معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي. ڇوتہ جڏهن زبان بي قابو ٿي ويندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن نهيل ڪمَ بہ بگاڙي ڇڏيندي آهي، ڪنهن سچ چيو آهي تہ

ہے فَلاح وکامرانی نَرمی و آسانی میں | ہر بنا کام بِگڑ جاتا ہے نادانی میں

ياد رکو! جيڪڏهن اسان ڪنهن غلطي تي رضاءِ الٰهي ۽ سُنّي سُنّي نيّتن سان ان کان انتقام وٺڻ ڇڏي ڏيون تہ ان سان اسان جو معاشرو اَمن ۽ سڪون جو گِهوارو بڻجي سگهي ٿو ۽ فتني فساد جا ناپاڪ جراثيم ختم ٿي ويندا. بُردباري ۽ نرم دلي، الله پاڪ کي پسند آهي، يقيناً جنهن وٽ هي عظيم دولت آهي اهو وڏو ئي خوش

نصيب آهي، نرمي ئي انسان جي زينت آهي ۽ بااخلاق ۽ نرم دل شخص سيني کي پيارو لڳندو آهي، سخت مزاج ۽ سخت دل شخص کان ماڻهو پري ڀڄندا آهن. نرمي جي متعلق 4 فرامينِ مصطفٰي پڙهو ۽ هن پياري عادت کي اپنائڻ جي نيّت ڪيو.

## نرمي جي مُتعلق 4 فرامينِ مُصطفٰي

(1) الله پاڪ رفيق آهي ۽ رِفق يعني نرمي کي پسند فرمائيندو آهي ۽ الله پاڪ نرمي جي ڪري اهي شيون عطا فرمائيندو آهي جيڪي سختي يا ڪنهن وجھ سان عطا ناهي فرمائيندو.

( مسلم، ص 1072، حديث: 6601)

(2) جنهن شيءِ ۾ نرمي هوندي آهي ته نرمي ان کي زينت ئي ڏيندي آهي ۽ جنهن شيءِ مان نرمي ڪڍي ويندي آهي ته ان کي عيبدار ڪري ڇڏيندي آهي. (مسلم،ص 1073، حديث: 6602)

(3) جيڪو نرمي کان محروم رهيو، اهو هر ڀلائي کان محروم رهيو.

(مسلم، ص 1072، حديث: 6598)

(4) جنهن کي نرمي مان حصو ڏنو ويو ان کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين مان حصو ڏنو ويو.

(مسند امام احمد،504/9، حديث: 25314)

بنا دو صبر و رِضا کا پیکر | بنوں خُوش اَخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت | نبیِ رحمت شفیعِ اُمّت

(وسائلِ بخشش، ص 208)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## توراتِ شريف ۾ حضور جون نشانيون

حضرت زيد بن سَعُنَہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جيڪي (اسلام آڻڻ کان) پهريان هڪ يهودي عالِم هئا، انهن هڪ ڀيري حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان ڪجهه کُجورون خريد ڪيون. کُجورون ڏيڻ جي مُدت ۾ اڃان 2 يا 3 ڏينهن باقي هئا ته انهن مسجد ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو دامن ۽ چادر پڪڙي ڪري نهايت تيز نظرن سان سندن طرف ڏسندي هيئن چيو: ”اي محمد! عبدالمطلب جي سموري اولاد جو اهو ئي طريقو آهي ته توهان هميشه ماڻهن جا حَق ادا ڪرڻ ۾ دير لڳائيندا آهيو ۽ ٽال مٽول ڪرڻ توهان جي عادت بڻجي چڪي آهي.“ هي منظر ڏسي ڪري حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جلال ۾ اچي ڪري ان کي چيو: ”اي خُدا جا دشمن! ڇا تون خُدا جي رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان اهڙي گستاخي سان پيش اچي رهيو آهين؟ خُدا جو قسم! جيڪڏهن حُضور جي ادب جو لحاظ نہ هجي ها تہ مان هاڻي پنهنجي تلوار سان تنهنجو ڪنڌ ڪپي ڇڏيان ها.“ هي ٻڌي ڪري پاڻ سڳورن فرمايو: اي عُمر! تون ڇا چئي رهيو آهين؟ توکي تہ هي ڪرڻ گهرجي تہ مون کي حق جي ادائيگي جي ترغيب ڏئي ڪري ۽ ان کي نرمي سان گهرڻ جي هدايت ڪري اسان ٻنهي جي مدد ڪرين ها! پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حڪم ڏنو تہ اي عُمر! هن کي سندس حق جي برابر کُجورون ڏئي ڇڏيو! ۽ ڪجهه وڌيڪ بہ ڏئي ڇڏيو! حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جڏهن حق کان وڌيڪ کُجورون ڏنيون تہ ان چيو: اي عُمر! منهنجي حق کان وڌيڪ ڇو ڏئي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون: ڇوتہ مون تيز نگاهن سان ڏسي توکي خوف زده ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تنهنجي تَسلِي جي لاءِ

تنهنجي حق ڪان وڌيڪ ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي. هي ٻڌي ڪري ان چيو: اي عُمر! ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو مان ڪير آهيان؟ پاڻ فرمايائون: نہ، چيائين: مان يهودين جو عالِم زيد بن سَعۡنَہ آهيان. فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمايو: پوءِ تو رسولِ پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان اهڙي گستاخي ڇو ڪئي؟ جواب ڏنائين: اي عُمر! در اصل ڳالهہ هي آهي تہ مون تورات شريف ۾ آخري نبي جون جيتريون بہ نشانيون پڙهيون هيون انهن سڀني کي مون سندن ذات ۾ ڏسي ورتو هو پر ٻن نشانين جي باري ۾ مونکي امتحان وٺڻ باقي رهجي ويو هو. (1) سندن قوتِ برداشت انهن جي غضب تي غالب رهندي ۽ (2) جيتري قدر گهڻو انهن سان جهالت وارو ورتاءُ ڪيو ويندو، اوتري قدر انهن جو حلم (يعني صبر ۽ تحمل) وڌندو ويندو. جيئن تہ مون هن ترڪيب سان انهن ٻنهي نشانين کي بہ انهن ۾ ڏسي ورتو ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ هي سچا نبي آهن. اي عُمر! مان نهايت مالدار ماڻهو آهيان، اوهان گواهہ ٿي وڃو تہ مون پنهنجو اڌ مال نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي امّت تي صدقو ڪري ڇڏيو، پوءِ هُو بارگاهِ رسالت ۾ آيا ڪلمو پڙهي ڪري دامنِ اسلام ۾ اچي ويا.

(سيرت مصطفٰی، ص 601- 603 ملخصاً و ملتقطاً)

سُبۡحٰنَ اللہ! الله پاڪ پنهنجي پياري ۽ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڪيتري قدر بهترين اخلاق جو پيڪر بڻايو هو جو جيڪو ڪيتري بہ دل ڏڪائيندو، بدتميزي ۽ بداخلاقي سان پيش ايندو هو ۽ حق طلب ڪرڻ ۾ بي ادبي ڪري ويندو هو پر پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان سان هميشہ حلم ۽ بُردباري، صبر ۽ نرمي کان ئي پيش ايندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ان پياري صفت جي تعريف ڪندي

قرآنِ پاڪ ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَبِمَا رَحۡمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنۡتَ لَهُمۡ ۚ وَلَوۡ كُنۡتَ فَظًّا غَلِيۡظَ الۡقَلۡبِ لَانۡفَضُّوۡا مِنۡ حَوۡلِكَ ۖ

(سيپارو: 4، آلِ عمران: آيت: 159)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ اي حبيب! اللّٰه جي ڪيتري وڏي مهرباني آهي جو توهان انهن جي لاءِ نرم دل آهيو ۽ جيڪڏهن توهان سخت مزاج، سخت دل هجو ها ته اهي ماڻهو ضرور توهان وٽان پڇي وڃن ها.

حضرت عبدُ الله بن عَمْرو رَضِیَ اللهُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون رسولُ الله صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صفات کي پهرين ڪتابن ۾ ڏٺو آهي، پاڻ نه تنگ مزاج ۽ نه ئي سخت دل، نه بازارن ۾ شور ڪرڻ وارا ۽ نه ئي بُرائي جو بدلو بُرائي ڪان ڏيڻ وارا آهن، بلڪ معاف ڪرڻ وارا ۽ دَرگذر فرمائڻ وارا آهن.

(تفسير ابن ڪثير، 130/2)

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورن جي انهي اعليٰ اخلاق جي برڪت سان فيض ماڻي ڪري بيشمار ڪافرن اسلام قبول ڪيو.

دَورِ جہالت تھا ہر سُو جب کُفر کی ظُلمت چھائی تھی
تم نے حیوانوں جیسے لوگوں کو بھی اِنسان کیا

(وسائلِ بخشش،ص196)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏيءَ کي تڪليف ڏيڻ واري کي به معافي

نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شهزادي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْہا کي

ان جي مُڙس ابوالعاص رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ غزوهءِ بدر ڪان بعد مديني پاڪ روانو ڪيو. جڏهن مڪي جي قريشن کي انهن جي روانگي جو علم ٿيو تہ انهن حضرت زينب جو پيڇو ڪيو ايستائين جو مقامِ ذِي طُوٰي ۾ انهن کي لڌو. هَبّار بن اَسوَد حضرت زينب رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا کي نيزو هنيو جنهن سبب پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا اُٺَ تان ڪِري پيون ۽ سندن حمل ضايع ٿي ويو.

(تفسير صراط الجنان، 503/3)

ڏيءَ کي ايذي وڏي تڪليف ڏيڻ واري شخص سان نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو سلوڪ ملاحظ ڪيو، جيئن تہ حضرت جُبَير بن مُطْعِم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: مقامِ جِعرانہ ڪان واپسي تي اسان رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ وٽ وينا هئاسين تہ ايتري ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي دروازي مان هَبّار بن اَسوَد (جنهن اڃان تائين اسلام قبول نہ ڪيو هو) داخل ٿيو (۽ ويهي رهيو)، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہم عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! هَبّار بن اَسوَد (آيو آهي). ارشاد فرمايائون: مون ان کي ڏسي ورتو آهي. هڪ شخص ان کي مارڻ جي لاءِ اُٿيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس ويهڻ جو اشارو ڪيو. هَبّار اٿي ڪري چيو: اي الله (پاڪ) جا نبي! اوهان تي سلامتي هجي، مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله پاڪ ڪان علاوه ڪو معبود ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ محمد (صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) الله جا رسول آهن. يارسولَ الله! مان اوهان ڪان ڀڄي ڪري ڪيئي شهرن ۾ ويس ۽ مون چاهيو تہ عَجمي ماڻهن (يعني غير عربين) جي مُلڪن ۾ وڃي ڪري رهان، پوءِ مونکي اوهان جي نرم دلي، صلهءِ رحمي پڻ جهالت جو ورتاءُ ڪرڻ واري سان اوهان جو دَرگُذر ڪرڻ ياد اچي ويو. اي الله

جا نبي! اسان شرڪ ۾ مُبتلا هئاسين پوءِ الله (پاڪ) اوهان جي وسيلي سان اسان کي هدايت ڏني ۽ اسان کي هلاڪت کان نجات بخشي، لهٰذا اوهان منهنجي جهالت ۽ منهنجي ان ڳالهه کان جنهن جي اوهان تائين خبر پهتي آهي، دَرگُذر فرمايو چوته مان پنهنجي بُري ڪم جو اقرار ۽ پنهنجي گناهه جو اعتراف ڪريان ٿو.

رحيم ۽ ڪريم آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: وڃ مون توکي معاف ڪري ڇڏيو. الله پاڪ توتي احسان ڪيو آهي جو اُن توکي اسلام جي هدايت ڏئي ڇڏي ۽ اسلام اڳ ۾ تيل تمام گناهن کي مِٽائي ڇڏيندو آهي.

(الاصابہ، 6/412، 413)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قتل جو ارادو رکڻ وارو به مسلمان ٿي ويو

نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن هي خبر مِلي ته نَجد (موجوده رياض) جي هڪ مشهور بهادر "دُعَثُور بن حارث مُحاربي" مديني تي حملو ڪرڻ جي لاءِ هڪ لشڪر تيار ڪيو آهي ته پاڻ سگورن چار سؤ (400) صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي فوج ساڻ ڪري مُقابلي جي لاءِ روانا ٿي ويا. دُعَثُور کي جڏهن هيءَ خبر ملي ته رسولِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي شهر ۾ اچي ويا آهن ته اهو ڀڄي ويو ۽ پنهنجي لشڪر کي وٺي ڪري پهاڙن تي چڙهي ويو پر سندس فوج جو هڪ ماڻهو "حَبَّان" گرفتار ٿي ويو ۽ بارگاهِ رسالت ۾ اچي ڪري اسلام آندائين. اتفاق سان ان ڏينهن تيز مينهن وسيو. رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جي ويجهو پنهنجا ڪپڙا سڪائڻ لڳا.

پهاڙ جي بلندي تان غير مُسلمن ڏٺو ته صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنۡھم پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ مصروف آهن ۽ پاڻ سڳورا اڪيلا آهن ته انهن دُعۡثور ڪي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي حملو ڪرڻ جي لاءِ اُياريو، دُعۡثور تلوار ڪڍي معاذَ اللّٰہ هي چوندي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف وڌيو ته **”جيڪڏهن مان محمد کي قتل نہ ڪري سگهيس ته اللّٰہ مونکي قتل ڪري ڇڏي.“** ايستائين جو اهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مٿي مبارڪ تي تلوار تاڻي ڪري چوڻ لڳو: هاڻي اوهان کي مون کان ڪير بچائيندو؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ” اللّٰہ ڪريم مون کي تو کان بچائيندو“. اوترو چوڻ هو جو جبريلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام فوراً زمين تي لٿا ۽ دُعۡثور جي سيني تي اهڙي ته مُڪ هنئي جو تلوار ان جي هٿان ڇڏائجي ڪِري پئي، رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فوراً تلوار کڻي ورتي ۽ فرمايائون: **”هاڻي مون کان توکي ڪير بچائيندو؟“** دُعۡثور چيو: مون کي اوهان کان ڪير بہ نہ ٿو بچائي سگهي! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ان جي بيوسي تي رحم اچي ويو، پاڻ نہ صرف ان جو قصور معاف فرمائي ڇڏيو بلڪ ان جي تلوار بہ ان کي واپس موٽائي ڏني. دُعۡثور سندن اعلیٰ اخلاق سان ايترو قدر متاثر ٿيو جو ڪلمو پڙهي ڪري انهيءَ وقت مسلمان ٿي ويو ۽ پنهنجي قوم ۾ اچي ڪري اسلام جي دعوت ڏيڻ لڳو.

(المواہب اللدنية، 378/2-381 ملخصا)

ترے اَخلاق پر قرباں ترے اوصاف پر وارِی
مسلماں کیا عَدُو بھی تیرا قائل یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش، ص337)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net